حيا ۽ پردي جي اهميت ۽ ان جي ترغيب تي مشتمل هڪ عمده بيان

سنڌي ترجمو

# غيرتمند گهروارو




- مسلمانن جي غيرت 6
- مسلم معاشرو تباهي جي ڪناري تي 9
- غيرت ڪنهن کي چوندا آهن؟ 14
- غيرت آهي ته مرد نه ته !!! 17
- چادر ۽ چوڏيواري 24
- بد نگاهي جي هٿو هٿ سزا 30



مڪتبة المدينه
(دعوتِ اسلامي)

حيا ۽ پردي جي اهميت ۽ ان جي ترغيب تي
مشتمل هڪ عمده بيان

# غيرتمند گهروارو

پيشڪش

**المدينة العلميه (دعوت اسلامي)**

## سنڌي ترجمو

**مجلسِ تراجم** هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته **مجلس تراجم** کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجندؤ.

رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)
عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران
پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي
فون نمبر: 021-34921389-90-91
E-mail: majlistarajim@dawateislami.net

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ ط
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ط بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

# غيرتمند گهروارو[1]

## دُرود شريف جي فضيلت

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مكتبة المدينہ جي شايع ٿيل 48 صفحن تي مشتمل رسالي ”ڪراماتِ فاروقِ اعظم“ ۾ شيخ طريقت، امير اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه درود پاڪ جي فضيلت تحرير فرمائن ٿا: وزيرِرسالتِ مآب، آسمان صحابِيّت جا روشن ماهتاب، نِظامِ عدل جا روشن آفتاب، اَمِيرُالمؤمِنين حضرت سيِّدُنا عمر بن خطاب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمائن ٿا: اِنَّ الدُّعَاءَ مَوۡقُوۡفٌ بَیۡنَ السَّمَاءِ وَالۡاَرۡضِ لَا یَصۡعَدُ مِنۡهُ شَیۡءٌ حَتّٰی تُصَلِّیۡ عَلٰی نَبِیِّكَ يعني بيشڪ دعا زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ مُعلق (يعني لٽڪيل) رهندي آهي ۽ ان مان ڪا شيءِ مٿي ناهي ويندي (يعني دعا قبول ناهي ٿيندي) جيستائين توهان نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي درود

(1) دعوت اسلامي جي مبلغ ۽ مرڪزي مجلسِ شوريٰ جي نگران حضرت مولانا حاجي محمد عمران عطاري دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه هي بيان تبليغ قرآن و سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ باب المدينہ ڪراچي ۾ هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ 18 شعبان المعظّم 1432 ھ بمطابق 21 جولائي 2011 ء تي فرمايو، ضروري ترميم ۽ اضافي کان پوءِ تحريري صورت ۾ پيش ڪيو پيو وڃي.

پاڪ نہ پڙهي ونو . (سنن ترمذي ج 2 ص 28 حديث 486 دارالفکر بيروت)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# غيرت مند گهروارو

حضرت سيدُنا قاضي ابو عبدالله محمد بن احمد بن موسيٰ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ دفعو آئون ”ري“ (ايران جي موجوده گادي جي هنڌ تهران) جي قاضي حضرت سيدُنا موسيٰ بن اسحاق عَلَيهِ رَحْمَةُ اللهِ الرَّزَّاق سان ملڻ ويس، اُن وقت قاضي صاحب مَسندِ قضا تي ويهي ڪري ماڻهن جا مسئلا حل فرمائي رهيا هئا. مان بہ اُنهن جي ويجهو ويهي رهيس. ايتري ۾ اُنهن وٽ هڪ اهڙو ايمان افروز مُقدمو پيش ٿيو جنهن اُتي موجود تمام ماڻهن جي ايمان کي تازو ڪري ڇڏيو.

ٿيو ڪجهہ ائين جو هڪ نقاب پوش عورت حاضر ٿي جنهن جي سرپرست جو دعويٰ هو تہ هن عورت جو نڪاح جي وقت مهر پنج سو دينار مقرر ٿيو هو پر هِن جو مڙس مهر جي رقم ادا نہ پيو ڪري ۽ جڏهن گهر واري کي گهرائي ڪري پڇيو ويو تہ اُنهي چيو تہ مهر جي اها دعويٰ بي بنياد آهي. قاضي صاحب مُدَّعِي (يعني دعويٰ ڪندڙ) کي چيو تہ پنهنجي دعويٰ ثابت ڪرڻ جي لاءِ گواهہ پيش ڪر، جيڪي اِن ڳالهہ جي گواهي ڏين تہ واقعي هِن مرد نڪاح جي وقت مهر پنج سؤ دينار مقرر ڪيو هو. بس جڏهن گواهہ عدالت ۾ حاضر ٿيا ۽

عورت کي چيو ويو تہ اها بہ اُتي بيهي ۽ پنهنجو نقاب لاهي ڇڏي تہ جيئن گواهہ (يعني شاهدي ڏيڻ وارا) ان کي سُڃاڻي ڪري انهي جي حق ۾ شاهدي ڏيئي سگهن ڇاڪاڻ تہ جڏهن گواهہ مُدَّعِي (دعويٰ ڪرڻ وارو) يا مُدَّعيٰ عَلَيه (جنهن تي ڪنهن حق جي دعويٰ ڪيو وڃي) جي موجودگي ۾ گواهي ڏي تہ اُنهي تي لازم آهي تہ اُنهن جي طرف اشارو ڪري واضح طور تي گواهي ڏي، اُها عورت حيا واري هئي تنهنڪري بي نقاب (يعني بي پرده) ٿيڻ ۾ سوچ ويچار کان ڪم وٺڻ لڳي.

اُن جي مڙس جڏهن پري کان اهو سڀ ڪجهہ ڏٺو تہ پڇيو هي ماڻهو ڇا ڪري رهيا آهن؟ انهي کي ٻڌايو ويو تہ اهي گواهہ آهن جيڪي ڏسڻ چاهن ٿا تہ انهي نقاب جي پٺيان واقعي توهان جي زال ئي آهي تہ جيئن سڃاڻي ڪري انهي جي حق ۾ گواهي ڏيئي سگهن. اِهو ٻڌي ڪري **غيرتمند گهر وارو** پڪاري چيو: ”انهن کي روڪي ڇڏيو، آئون قاضي صاحب جي سامهون اقرار ڪريان ٿو تہ جيڪا دعويٰ منهنجي زال مون تي ڪئي آهي اُهو مون تي لازم آهي، آئون پنج سؤ دينار ادا ڪرڻ جي لاءِ تيار آهيان، خدا جي لاءِ! منهنجي زال جو چهرو ڪنهن نامَحرم تي ظاهر نہ ڪيو وڃي.“ اهڙي طرح گواهن کي روڪيو ويو ۽ عورت کي واپس موڪليو ويو ۽ جڏهن اُنهي کي اهو ٻڌايو ويو تہ اُنهي جي گهر واري مهر جي ادائگي جو اقرار ڪري ورتو آهي تہ اُها گهڻي حيران ٿي، پوءِ جڏهن انهي

ڪي اِها حقيقت معلوم ٿي ته ان جو گهر وارو ايتري قدر غيرتمند آهي جو انهي صرف پنهنجي زال جي حياءُ جي لاڄ رکندي ۽ انهي جي بي پرده ٿي وڃڻ جي خوف کان مهر جي ادائگي جو اقرار ڪيو آهي ته مڙس جي غيرت سبب ان تي ايترو اثر ٿيو جو ان جي دل جي دنيا ئي بدلجي ويئي ۽ اها ائين چوڻ لڳي: سيئي گواهه ٿي وڃو! مون پنهنجو مهر معاف ڪري ڇڏيو، هاڻي آئون ان جو مطالبو نه دنيا ۾ ڪنديس نه آخرت ۾، اِهو مهر منهجي **غيرتمند گهر واري** کي مبارڪ هجي. (عيون الحڪايات ص 275)

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان ته هڪ **غيرتمند گهر واري** جي غيرت اهو گوارا نه ڪيو ته انهي جي خلاف عدالت ۾ دعويٰ ڪرڻ واريءَ زال جي چهري تي ڪنهن غير مرد جي نظر پوي. اڄ جي هِن بي پردگي ۽ بي حيائي جي دور ۾ **"غيرتمند گهر واري"** جي هِن حڪايت مان اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن جي لاءِ عبرت جا ڪيترائي مدني گل حاصل ٿي رهيا آهن، چاڪاڻ ته هي حڪايت جتي اسلامي ڀائرن جي ضمير کي جهنجهوڙي جهنجهوڙي ڪري اِهو احساس ڏياري رهي آهي ته اوهان جي اُها غيرت ڪيڏانهن ويئي جنهن جا اوهين امين (يعني پاسدار) هيؤ؟ ۽ اوهان جي انهيءَ شرم و حيا جو ڇا ٿيو جنهن جا اوهين محافظ هئا ۽ جنهن جي ڪري دنيا جي قومن ۾ اوهان جو هڪ وقار هو؟ ۽ اها حڪايت اسلامي ڀينرن جي لاءِ به عبرت جي

درس جو سامان مهيا ڪري رهي آهي تہ اسلامي ڀينرن جي شرم و حيا جو عالَم اهو هو جو شرعي تقاضا پوري ڪرڻ جي لاءِ بہ بي پرده ٿيڻ جي خيال کان ڇوئي موئي وانگر (يعني شرم ٻوٽي جيان) ڪومائجي ويندي يون ۽ اُنهن جو روح بہ ڏکي ويندو هو، پر هاءِ افسوس! صد افسوس! جديد دؤر ۾ هڪ سوچيل سمجهيل منصوبي جي تحت ڦهلائي ويندڙ انهي فحاشي ۽ عُرياني سڄي دنيا جي مسلمانن جي غيرت ۽ حيا جو جنازو ڪڍي ڇڏيو آهي. انهيءَ بي حيائي جي هلندڙ لهر ۾ هر ڪو خواه مخواه (چاهيندي ۽ نہ چاهيندي) ڪکن وانگر اهڙي طرح وهي رهيو آهي جو سنڀلجڻ جو نالو بہ نٿو وٺي. ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن کي هوش تہ اچي ٿو پر اُهو بي حيائي جي انهي دُٻڻ ۾ ايتري قدر اُونهو دٻجي چڪو هوندو آهي جو نڪرڻ جي ڪا سبيل (يعني راهه) نٿو ڏسي يا ائين چئي وٺو تہ هوش ان وقت اچي ٿو جڏهن پاڻي مٿي تان گذري چڪو هوندو آهي، جئين تہ بي حيائي جي انهيءَ وهندڙ وهڪري ۾ ضرورت اِنهيءَ اَمر جي آهي جو اسان پنهنجو تعلق پراڻي زماني جي بزرگن سان جوڙي ڪري انهن جي مبارڪ زندگي مان اهڙا مدني گل حاصل ڪريون جن جي روشني ۾ اسان کي هِن ڀنور مان ڇوٽڪاري جي ڪا صورت نظر اچي وڃي، تنهن ڪري ياد رکو تہ ذڪر ڪيل واقعي ۾ غيرت جو مظاهرو ڪرڻ وارو صرف اِهو ئي هڪ شخص اڪيلو شخص ناهي، بلڪ تاريخ گواهہ آهي تہ اِنهي

معاملي ۾ پراڻي زماني جي بزرگن رَحِمَهُمُ اللهُ المُبِين ۽ صحابهءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جو به اهو ئي دستور رهيو آهي. جيئن ته:

## مسلمانن جي غيرت

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 400 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”پردے کے بارے میں سوال و جواب“ صفحي 217 تي شيخ طريقت، امير اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه نقل فرمائن ٿا ته اُنهي پاڪيزه دور جي مسلمانن جي غيرتِ ايماني جو اندازو هن واقعي مان به لڳائي سگهجي ٿو جنهن کي علامہ ابن هشام رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيۡه جن ”اَلسِيرَةُ النَّبَوِيَّةُ“ ۾ نقل ڪيو آهي، پاڻ لکن ٿا ته عهدِ رسالت ۾ هڪ مسلمان عورت ڇهري تي نقاب وجهي پنهنجون ڪجهه شيون وڪڻ جي لاءِ بَنِي قَينُقاع جي بازار ۾ آئي، هن پنهنجو سامان وِڪيو ۽ هڪ يهودي سونار جي دوڪان تي اچي ويهي رهي. يهودي ڳالهين ڳالهين ۾ گهڻي ڪوشش ڪئي ته هُوءَ پنهنجي ڇهري تان نقاب کولي ڇڏي پر هُن انڪار ڪري ڇڏيو، پوءِ ان هِن عورت سان شرارت ڪئي. اِهو ڏسي ڪري يهودي ٽهڪ ڏيڻ لڳا، انهي عورت وڏي آواز سان فرياد ڪئي، هڪ مسلمان اُنهي يهودي سوناري تي اوچتو حملو ڪيو ۽ اُنهي کي قتل ڪري ڇڏيائين، اُنهي بازار جا يهودي جمع ٿي ويا ۽ اُنهي

مسلمان کي شهيد ڪري ڇڏيائون ۽ ان جي نتيجي ۾ مسلمانن ۽ يهودين جي وچ ۾ هڪ زبردست جنگ ٿي جنهن کي تاريخ ۾ غزوهٔ بَنُو قَينُقَاع جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو.

(السيرة النبوية لا بن هشام،ج 3، ص 44)

## روح جي تازگي

سُبحٰنَ اللهعَزَّوَجَلَّ! اِهي هئا اسان جا بزرگ، ۽ سندن ڪارناما! انهن تي اسان بجا طور تي فخر ڪري سگهون ٿا، بيشڪ اهڙن واقعن سان جتي اسان جي روح جي تازگي جو سامان ٿئي ٿو، اُتي ئي اِهو درس بہ ملي ٿو تہ اسان جا بزرگ ڪيتري قدر غيرتمند هئا ۽ اُنهن کي پنهنجي عورتن جي شرم و حيا ۽ پردي جو ڪيتري قدر خيال هو. جئين تہ،

## غَيرتمَند صَحابي

حضرت سيدنا ابو سائبرَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا تہ هڪ ڏينهن آئون حضرتِ سيدنا ابو سعيد خُدريرَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي گهر انهن سان ملڻ ويس تہ مون ڏٺو پاڻ نماز ۾ مشغول هئا، مان سندن جو نماز مان فارغ ٿيڻ جو انتظار ڪرڻ لڳس، اوچتو مون گهر جي هڪ ڪُنڊ ۾ رکيل ڪاٺين مان ڪنهن شيءَ جي چُر پُر جو آواز ٻڌو، غور سان ڏسڻ تي معلوم ٿيو تہ اهو هڪ نانگ آهي. جڏهن آئون انهي کي مارڻ جي لاءِ وڌڻ لڳس تہ حضرتِ سيِدُنا ابو سعيد خدري رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن مون کي وينو رهڻ جو اشارو ڪيو،

اهڙي طرح آئون ويهي رهيس جڏهن پاڻ نماز کان فارغ ٿيا تہ هڪ ڪوٺي جي طرف اشارو ڪيو ۽ پڇيو: ڇا توهان هي ڪوٺي ڏسي رهيا آهيو؟ مون عرض ڪيو: جي ها! تہ فرمائڻ لڳا تہ انهي ۾ شهنشاهِ مدينہ صَلَّي اللّٰہُ تَعَالٰي عَلَيہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جن جا هڪ نوجوان صحابي رهندا هئا جن جي نئين نئين شادي ٿي هئي. (خندق جي جنگ جي موقعي تي) اسان سڀ رحمتِ عالَم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّي اللّٰہُ تَعَالٰي عَلَيہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جن سان گڏ خندق جي طرف نڪري ويندا هئاسين، ٻنپهرن جو اهي نوجوان صحابي رَضِيَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ اجازت وٺي ڪري گهر اچي ويندا هئا.

هڪ ڏينهن انهن اجازت گهري تہ پاڻ صَلَّي اللّٰہُ تَعَالٰي عَلَيہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: هٿيار کڻي وڃجو ڇاڪاڻ تہ مون کي توهان تي يهودين جي قبيلي بَنِي قُرَيظَه (جي حملي) جو ڊپ آهي (جيڪي ڌوڪو ڏيئي ڪري مشرڪن جي طرف ٿي ويا هئا) جڏهن اهي صحابي گهر تشريف وٺي آيا تہ ڏٺائون سندن ڪنوار گهر جي دروازي تي ٻنهي چانئٺن جي وچ ۾ بيٺي آهي، غيرت سان جلال (يعني ڪاوڙ) ۾ اچي ويا ۽ نيزو ڇڪي ڪري پنهنجي ڪنوار ڏانهن تيزي سان وڌيا. هُوءَ گهٻرائي ڪري پويان هٽي ويئي ۽ زور سان فرياد ڪيائين: ”منهنجا سرتاج! مون کي نہ ماريو، آئون بي ڏوهي آهيان، تورو گهر جي اندر هلي ڪري ڏسو تہ ڪهڙي شيءَ مون کي ٻاهر ڪڍيو آهي!“ اهڙي طرح اُهي صحابي رَضِيَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ اندر تشريف وٺي ويا، ڇا ٿا ڏسن تہ هڪ خطرناڪ زهريلو

نانگ بستري تي ڦڻ ڪڍيو وينو آهي. بيقرار ٿي ڪري نيزي سان نانگ تي حملو ڪيائون ۽ اُنهي کي نيزو کُپي ڇڏيائون. زخمي نانگ تڙپي ڪري اُنهن کي ڏنگي ورتو جنهن جي نتيجي ۾ اُهي غيرتمند صحابي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ به نانگ جي زهر جي اثر سان شهادت جو جام پي ويا. (صحيح مسلم حديث:2236، ص 1228)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي اُنهن تي رحمت هجي ۽ اُنهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي۔**

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مسلم معاشرو تباهي جي ڪناري تي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! دينِ اسلام جي تعليمات جا پاسدار، فڪرِ آخرت سان سرشار، شرم و حيا ۽ غيرتِ اسلامي جا شهسوار، مديني جي تاجدار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا خدمت گذار صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ڪيتري قدر غيرتمند هئا جن کي اهو به گوارا نه هو ته اُنهن جي گهر جي ڪا عورت دروازي يا دري ۾ اهڙي طرح بيٺي هجي، پر جڏهن اسان پنهنجي معاشري ۽ ماحول کي ڏسون ٿا ته هر طرف هڪ عجيب ئي نظارو ڏسڻ ۾ اچي ٿو، مسلم معاشري جي روح جو ڪٿي نالو ۽ نشان نظر نٿو اچي، هڪ طرف بي پردگي جو اهو عالم آهي جو انهي کي بُرو چوڻ ته پري جي ڳالهه بُرو سمجهڻ به ختم ٿي چڪو آهي بلڪ هي بي پردگي هاڻي عُرياني ۾ تبديل ٿي چڪي آهي، ڇاڪاڻ ته بي پردگي ۾ عورت جي چهري جي نمائش ٿئي ٿي پر عُرياني ۾ پوري جسم جي، انهيءَ ڪري جو ڪٿي فيشن

جي نالي تي آستينون غائب ڏسڻ ۾ اچن ٿيون تہ ڪٿي رَوَن (يعني چادرن) کان محروم عورتون اسلامي تهذيب تي ٺٺوليون ڪندي نظر اچن ٿيون. بقول اڪبر الٰہ آبادي:

بے پردہ کل جو آئیں نظر چند بیبیاں
اکبرؔ زمیں میں غیرتِ قومی سے گڑ گیا
پوچھا جو اُن سے آپ کا پردہ وہ کیا ہوا؟
کہنے لگیں: "وہ عقل پہ مردوں کی پڑ گیا"

## فساد جي جڙ

اِنهيءَ سڄي فساد جي جڙ بنيادي اسلامي علم، صحابہءِ ڪِرام ۽ سلف صالحين جي مقدس ڪردار کان لاعِلمي آهي انهي جو سبب فيشن جي نالي تي مغربي تهذيب جي اُها انڌي تقليد آهي جنهن بيشمار اسلامي پائرن ۽ اسلامي ڀينرن کي پنهنجي وڪڙ ۾ وٺي ورتو آهي. اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽين ۾ مخلوط (Co-education) جي نالي تي نوجوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي پاڻ ۾ دوستي ۽ ميل جول، گھر ۾ ڪم ڪار جي بهاني نوڪر ۽ نوڪرياڻي سان بي تڪلفي ۽ ڀين ڪيترين ئي خوشي ۽ غمي جي محفلن ۾ مردن ۽ عورتن جو پاڻ ۾ اختلاط، مِلي جُلي ويهڻ، ڳالهيون ڪرڻ ۽ ماسات، سوٽ، پُڦي زاد وغيره سان بي تڪلف ٿيڻ ڪنهن کان لڪيل ناهي. انهيءَ ڪري ڪو ائين چوي تہ انهي وهنڊڙ وهڪري جي سامهون بند ٻڌڻ ممڪن ناهي يا انهي بي حيائي ۽ بي پردگي

ڪي روڪڻ جي انهيءَ ۾ طاقت و همت ناهي ته ڇا انهي جو ايمان ايتري قدر ڪمزور ٿي چڪو آهي جو هُو برائي کي برو سمجهڻ کان به قاصر آهي. **فرمانِ مصطفي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم آهي: مَنْ رَاٰى مُنْكَرًا فَلْيُغَيِّرْهُ بِيَدِهٖ جيڪو بري ڳالهه کي ڏسي، اُنهي کي گهُرجي ته پنهنجي هٿ سان بدلائي ڇڏي فَاِنْ لَّمْ يَسْتَطِعْ فَبِلِسَانِهٖ ۽ جيڪڏهن هٿ سان بدلائڻ تي قادر نه هُجي ته زبان سان بدلائي ڇڏي يعني زبان سان اُن جو برو هجڻ ظاهر ڪري ڇڏي ۽ منع ڪري ڇڏي فَاِنْ لَّمْ يَسْتَطِعْ فَبِقَلْبِهٖ ۽ انهي جي به اِستِطاعت نه هُجي ته دل سان برو ڄاڻي وَذٰلِكَ اَضْعَفُ الْاِيْمَان ۽ هي ايمان جو سڀ کان ڪمزور رتبو آهي. (مسند امام احمد بن حنبل، حديث: 11460 ج 4 ص 98)

## بي پردگي جي خلاف جنگ جي شروعات

شيطاني ڪم ڪرڻ وارن جي منصوبه بندي جي نتيجي ۾ وڌندڙ هن بي حيائي ۽ بي پردگي جي طوفان ۾ هڪ مردِ حق ۽ مجاهدِ باصفا ان جي خلاف جنگ جو اعلان فرمايو، يعني پندرهين صدي جي عظيم علمي ۽ روحاني شخصيت شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت، بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه جڏهن هن بي پردگي جي خلاف جنگ جو آغاز ڪيو ته هر طرف برائي جي ايوانن ۾ هنگامو ۽ هلچل پيدا ٿي ويئي. پاڻ اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن جي اهڙي مدني تربيت فرمائي

جو جيڪو بہ تبليغ قرآن و سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي مهڪندڙ مهڪندڙ سنتن ڀريي مدني ماحول ۾ اچي ٿو مدني لباس جي برڪت سان پردي سان گڏوگڏ ”پردي ۾ پردو“ جي ترڪيب بڻائڻ لڳي ٿو.

## ”پردي ۾ پردو“ ڇا آهي؟

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! شرم ۽ حياءُ الله عَزَّوَجَلَّ جو تمام وڏو انعام آهي جنهن مرد يا عورت ۾ اِها خوبي هوندي اُهو فطري طور تي هر مَعيوب (يعني ناپسند) ۽ شرم ڏيارڻ واري ڳالهہ کان رڪجي ويندو. اڄڪلهہ جيئن تہ انهي قسم جي لباس جو رواج عام آهي جنهن سان جسماني عضون جو اُڀار صاف ۽ واضح ڏسڻ ۾ اچي ٿو، تنهن ڪري شرم ۽ حيا جو تقاضو هي آهي تہ پردي جي جڳهہ جو اُڀار بہ نظر نہ اچي. تنهنڪري شيخِ طريقت، امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِیَه انهي جي لاءِ پردي ۾ پردو جو طريقو عطا فرمايو ۽ اهو هي آهي تہ ويهڻ کان پهرين بيٺي بيٺي چادر جا ٻئي ڪنارا پڪڙي ڪري دُن کان وٺي ڪري پيرن تائين ڦهلائي ڇڏيو پوءِ ويهي رهو ۽ چادر جو ڪجهہ حصو پيرن هيٺان دٻائي ڇڏيو، جڏهن اُٿڻ چاهيو تہ انهي طرح ٻنهي هٿن سان چادر جهليندي اُٿيو، جيڪڏهن چادر نہ هجي تہ اُٿندي ويهندي وقت پهراڻ جو دامن چڱيءَ طرح ڦهلائي ڇڏيو، انهي سان لڪائڻ وارن عُضون جا اُڀار ظاهر نہ ٿيندا.

# اکين جو قفلِ مدينہ

شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جن پردي ۾ پردي سان گڏوگڏ اسلام جي وڏيڪ حسين وِسريل يادن کي هڪ دفعو وري اکين جو قفلِ مدينہ لڳائڻ جي تحريڪ هلائي ڪري تازو ڪري ڇڏيو، ۽ اِهو مدني ذهن ڏنو تہ هِن زماني ۾ جتي هر طرف بي پردا عورتن جو ميڙاڪو نظر اچي ٿو جيڪڏهن سيني کي پردو نٿا ڪرائي سگهون تہ گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي نگاهن جو قفلِ مدينہ تہ لڳائي سگهون ٿا. يعني پنهنجي نظرن کي تہ جُهڪائي سگهون ٿا، ۽ پاڻ بار بار تاڪيد فرمائيندا آهن تہ پاڻ ۾ گفتگو هجي يا درس و بيان، رستي ۾ هجو يا گهر ۾ هر جڳهہ نظرن کي جُهڪائي رکو تہ جئين انهي جي برڪت سان بي حيائي جا منظر ڏسڻ کان جان ڇُٽي وڃي:

آقا کی حیا سے جھکی رہتی نظر اکثر
آنکھوں کا مرے بھائی لگا قفلِ مدینہ

**پيارا اسلامي ڀائرو!** شرم ۽ حيا جي پائمال ٿيڻ تي هميشہ غيرت جو اظهار ٿيندو آهي جيڪا ايمان جي نشاني آهي.

## ”غيرت“ جي چئن اکرن جي نسبت سان غيرت جي باري ۾ (4) فرامينِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(1) اِنَّ الۡغَيۡرَةَ مِنَ الۡاِيۡمَان يعني غيرت ايمان جو حصو آهي.

(السنن الكبري للبيهقي حديث 21023 ج 10 ص 381 ملتقطاً)

(2) اِنِّي لَغَيُّور آئون تمام گهڻو غيرت مند آهيان وَاللّٰهُ اَغۡيَرُ مِنِّيۡ پر الله

عَزَّوَجَلَّ مون کان بہ وڌيڪ غيرت وارو آهي ۽ اِنَّ اللهَ يُحِبُّ مِنْ عِبَادِهِ الْغَيُوْرَ بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي غيرتمند ٻانهن کي پسند فرمائي ٿو.

(المعجم الاوسط، الحديث: 8441، ج 6، ص 183 ،مختصراً)

(3) اِنَّ الله تَعَالٰى يَغَارُ لِلْمسْلِمِ فَلْيَغَر يعني الله عَزَّوَجَلَّ مسلمان جي لاءِ غيرت فرمائي ٿو، پوءِ مسلمان کي گهرجي تہ غيرتمند ٿئي.

(الجامع الصغير، الحديث: 1918 ، ص 118)

(4) ڪا غيرت الله کي پسند هوندي آهي ۽ ڪا نا پسند، اُها غيرت جيڪا الله عَزَّوَجَلَّ کي پسند آهي اها شڪ جي معاملي ۾ غيرت ڪرڻ آهي ۽ جيڪا غيرت الله عَزَّوَجَلَّ کي ناپسند آهي اُها غير شڪ ۾ غيرت ڪائڻ آهي. ڪجھ فخر ڪندي، خود نمائي ڪرڻ وارن کي الله عَزَّوَجَلَّ پسند فرمائي ٿو ۽ ڪجھ کي ناپسند، جن خود نمائي ڪرڻ وارن کي الله عَزَّوَجَلَّ پسند فرمائي ٿو اهو جهاد جي دوران فخر ڪري هلڻ يا صدقو ڏيڻ وقت فخر ڪرڻ آهي ۽ جن کي الله عَزَّوَجَلَّ ناپسند فرمائي ٿو اهو هي آهي تہ ماڻهو ظلم ۽ فخر جي حالت ۾ آڪڙ ڪري هلي.

(سنن ابي داود، حديث: 2659 ، ج 3، ص 69)

## غيرت ڪنهن کي چوندا آهن؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو اِهو بہ ڄاڻي وٺون تا تہ غيرت ڪنهن کي چوندا آهن؟ جئين تہ حضرت سَيِّدُنا سيِّد شريف جرجاني قُدِّسَ سِرُّهُ النُّوْرَانِي ”ڪتَابُ التَّعرِيفَات“ ۾ غيرت جي وضاحت ڪجھ ائين فرمائن ٿا: اَلْغَيْرَةُ كَرَاهَةُ شِرْكَةِ الْغَيْرِ فِي حَقِّهٖ يعني پنهنجي

حق ۾ غير جي شرڪت کي نا پسند ڪرڻ غيرت چوَرائي ٿو.
(ڪتاب التعريفات،الرقم 1059 الغيرة، ص 116)

عُمَدَةُ القاري ۾ آهي: غيرت دل جي حالت جي تبديل ٿيڻ کي چوندا آهن يعني زال مڙس جي ڪنهن خاص حق ۾ ڪو غير شريڪ ٿي وڃي تہ دل ۾ پيدا ٿيڻ واري غيظ و غضب جي ڪيفيت کي غيرت چوندا آهن. (عمدة القاري ج 14 ص 195)

## غيرتمند ڪير آهي؟

حضرت علّامہ سَيِّد محمد بن محمد حُسَيني زَبِيدي (متوفّيٰ 1205 ھ) فرمائن ٿا تہ غَيّور يعني غيرتمند اُھو آهي جنهن جي دل ۾ ڪنهن ڳالھ تان غيض و غضب جي ڪيفيت پيدا ٿي وڃي تہ اُھو انهي تي ناراضگي ظاهر ڪرڻ جو حق بہ رکندو هجي.
(اتحاف السادة المتقين، ڪتاب آداب النڪاح، الباب الثالث، ج 6، ص 153)

## اللّٰه ۽ نبي جي غيرت

حضرت سيدنا ابوالقاسم عبدالڪريم هوازن قشيري (متوفّيٰ 465 ھ) غيرت جي باري ۾ ”رسالۂ قشيريہ“ ۾ فرمائن ٿا: ڇو جو غيرت مان مُراد غير جي شرڪت کي ناپسند ڪرڻ آهي، تنهنڪري اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي غيرت مان مراد هي آهي تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي حق ۾ غير جي شرڪت کي پسند نتو فرمائي ۽ اُنهي جو حق هي آهي تہ ٻانهو اُنهي جي ئي فرمانبرداري ڪري. (الرسالة القشيرية، باب الغيرة ص 288) جئين تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي پياري حبيب صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَآلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي پروردگار عَزَّوَجَلَّ جي غيرت جي باري ۾ ارشاد فرمائن

تا: اِنَّ اللهَ تَعَالٰی یَغَارُ بيشڪ اللهعَزَّوَجَلَّ غيور آهي. وَاِنَّ الْمُؤْمِنَ یَغَارُ ۽ مومن بہ غيرت مند آهي وَغَیْرَۃُ اللهِ اَنْ یَّأْتِیَ الْمُؤْمِنُ مَا حَرَّمَ اللهُ عَلَیْہِ ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي غيرت هي آهي تہ مومن اُهي ڪم ڪري جن کي اللهعَزَّوَجَلَّ حرام قرار ڏنو آهي. (صحيح مسلم، ڪتاب التوبة، حديث 2761 ص 1476)

نبي جي غيرت جي باري ۾ اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت، مُجّدِدِ دين و ملت، پروانۂِ شمع رسالت، مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَیہِ رَحمَۃُ الرَّحمٰن فتاويٰ رضويہ شريف ۾ فرمائن ٿا تہ ڪنهن بہ صِفت ۾ حضورِ اقدس صَلَّي اللهُ تَعَاليٰ عَلَيهِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي مِثل ٻيو شخص ڪونهي. حضور جي هڪ صفت "غيرت" بہ آهي تہ حضور صَلَّي اللهُ تَعَاليٰ عَلَيهِ وَآلِہٖ وَسَلَّم خدا جي مخلوق مان سڀ کان وڌيڪ غيرتمند آهن ۽ الله تعاليٰ اُنهن کان وڌيڪ غيرت وارو آهي. (فتاويٰ رضويہ ج 4 ص 48)

تیری غیرت کے نثارے مرے غیرت والے
آہ صد آہ ! کہ یوں خوار ہو بردہ تیرا

سيّدِ عالَم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّي اللهُ تَعَاليٰ عَلَيهِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان هدايت نشان آهي: ''آئون غيرتمند آهيان ۽ (منهنجا جدِ امجد) حضرت ابراهيم (عَلَیہِ السَّلام) بہ غيرت وارا هئا. جنهن شخص ۾ غيرت نہ هجي اُهو مَنڪُوسُ القلب آهي.''

(المصنف لابن ابي شيبة، ڪتاب النڪاح، رقم 270، حديث: 7 ، ج 3، ص 467)

## مَنڪُوسُ القَلب مان مراد

حضرت علامہ سيّد محمد بن محمد حسيني زَبِيدي (متوفيٰ 1205هـ) فرمائن ٿا تہ منهنجي ويجهو مَنڪُوسُ القَلب مان مراد

دَيُّوث آهي. (اتحاف السادة المتقين كتاب آداب النكاح الباب الثالث ج 6 ص 156)

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مكتبةالمدينہ جي شايع ٿيل 400 صفحن تي مشتمل كتاب ”پردے کے بارے میں سوال جواب“ صفحي 66 تي شيخ طريقت، امير اهلسنت، بانيءِ دعوت اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه نقل فرمائن ٿا تہ ”دَيُّوث“ اُهو شخص هوندو آهي جيكو پنهنجي زال يا كنهن مَحرم تي غيرت نہ كائي.“ (دُرّمختار، ج 6، ص 113) معلوم ٿيو تہ قدرت جي باوُجُود پنهنجي زال، ماءُ، ڀينرن، ۽ جوان ڌيئرن وغيره كي گلين بازارن، شاپنگ سينٽرن ۾ مخلوط تفريح گاهن ۾ بي پردا گُهمڻ ڦِرڻ، اجنبي (غير، نا مَحرم) پاڙي وارن، نامحرم رشتيدارن، غير محرم نوكرن، چوكيدارن، ڊرائيورن سان بي تكلفي ۽ بي پردگي كان منع نہ كرڻ وارا دَيُّوث، جنّت كان محروم ۽ جهنّم جا حقدار آهن. منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت، مُجَدِّدِ دين و ملّت، مولانا شاه امام احمد رضا خان عَلَيهِ رَحمَةُ الرَّحمٰن فرمائن ٿا: ”دَيُّوث“ سخت اَخبَث فاسق (آهي) ۽ فاسقِ مُعلِن (اعلانيہ گناه كرڻ واري) جي پويان نماز مكروه تحريمي. اُنهي كي امام بڻائڻ حلال ناهي ۽ انهي جي پويان نماز پڙهڻ گناه ۽ پڙهي تہ اعادو (يعني ڦيرائڻ) واجب.“

(فتاويٰ رضويہ ج 6 ص 583)

## غيرت آهي تہ مرد نہ تہ !!!

حضرت علامہ سيّد محمد بن محمد حُسيني زَبِيدي (متوفيٰ

1205ھ) وڏيڪ فرمائن ٿا تہ هڪ قول جي مطابق مَنكُوسُ القَلب مان مراد اهڙو شخص آهي جيڪو مرد ناهي بلڪ مُخَنَّث (يعني ڪدڙو) آهي. (اتحاف السادة المتقين، ڪتاب آداب النكاح، الباب الثالث، ج 6، ص 156)

نہ ہمت کہ محنت کی سختی اٹھائیں
نہ جرأت کہ خطروں کے میداں میں آئیں
نہ غیرت کہ ذلت سے پہلو بچائیں
نہ عبرت کہ دنیا کی سمجھیں ادائیں

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي غيرت جي دولت سان مالا مال فرمائي جو جڏهن کان غيرت جو جنازو نڪتو آهي مسلمان زبون حالي جا شڪار آهن، انهن جو نظرون هميشہ غيرن تي رهن ٿيون، اُنهن جهڙو ٿيڻ جي ڊوڙ ڊڪ ۾ آهستہ آهستہ اسلام کان ٻہ پري ٿيندا هليا پيا وڃن. ڪبوتر وانگر اکيون بند ڪري شايد اِهو سمجهي ويٺا آهن تہ مغربي تهذيب جو هي عِفريت (يعني جن) انهن جي اهل و عيال (گھروارن) کي معاف ڪري ڇڏيندو ۽ اُهي محفوظ رهندا، پر ياد رکو:

عزت ہے محبت کی قائم اے قیس! حجاب محمل سے
محمل جو گیا عزت بھی گئی، غیرت بھی گئی لیلا بھی گئی

## غيرت ۾ اعتدال

غيرت جي ٻن صورتن مان جيڪا غيرت الله عَزَّوَجَلَّ کي ناپسند آهي اُها هي آهي تہ ٻانهو پنهنجي زال تي بغير ڪنهن

شڪ شُبهي جي غيرت ڪائي. جڏهن ته مرد اهڙي بدگماني جو شڪار هجي جنهن کان الله عَزَّوَجَلَّ ۽ انهي جي رسول صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم منع فرمايو آهي. جئين ته

حضرت سيدنا سليمان عَلٰي نَبِيِّنَا وَعَلَيهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن پنهجي شهزادي کي نصيحت ڪندي ارشاد فرمايو: ”اي منهجا لختِ جگر! پنهجي عورتن تي غيرت جي معاملي ۾ حد کان نه وڌجان جو اوهان پنهنجي زال تي تهمت لڳائي ويهو، ۽ اهڙي طرح اُن جي بدنامي جو سبب پاڻ ئي بڻجي وجو جڏهن ته هُوءَ اِنهي تهمت کان بي گناهه هجي.“ (شعب الايمان، حديث 830 ج 1 ص 499) اهڙو ئي هڪ قول اميرالمؤمنين حضرت سيِّدُنا عليُّ المُرتضيٰ ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجهَهُ الكَرِيم کان بہ منقول آهي ته ”پنهنجي زال تي حد کان وڌيڪ غيرت نه ڪريو ائين نه ٿئي جو هُوءَ توهان جي ڪري بدنام ٿي وڃي.“ چاڪاڻ ته غيرت جي هڪ حد آهي جڏهن ٻانهو انهي حد کان تجاوز ڪري (يعني حد کان وڌي) ٿو ته مُمڪن آهي اُنهي جي ذمي جيڪي حق هجن اُنهن ۾ ڪمي ڪرڻ وارو ٿي وڃي. (قوت القلوب ج 2 ص 418)

حُجَّةُ الاِسلام حضرت سيِّدُنا امام غزالي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الوَالِي ڪيمياءِ سعادت ۾ فرمائن ٿا: عورتون سرڪش نفس وانگر آهن، جيڪڏهن ٻانهو ٿورڙو اُنهن کي اُنهن جي حال تي ڇڏي ڏي ته هٿ مان نڪري ويندڻيون ۽ حد کان گذري ويندڻيون جو ڪڏهن ڪڏهن تدارڪ (يعني علاج) بہ مشڪل ٿي ويندو، وڌيڪ فرمائن

تا تہ عورتون صِنفِ نازڪ آھن جن جي ڪمزوري جو علاج صبر ۽ برداشت آھي ۽ انھن ۾ نظر ايندڙ ٽيڙھي پن جي دوا تدبير ۽ حڪمت آھي. ھاڻي مرد کي گھرجي تہ طبيبِ حاذق (يعني ماھر ڊاڪٽر) وانگر رھي ۽ ھر ڳالھ جو علاج انھي جي وقت تي ڪري، پر خيال رکي تہ صبر ۽ نرمي جو دامن ھٿ مان نہ نڪري. (ڪيمياءِ سعادت ج 1 ص 299)

بہت ہیں ابھی جن میں غیرت ہے باقی
دلیری نہیں پر حمیت ہے باقی
فقیری میں بھی بوئے ثروت ہے باقی
تہی دست ہیں پر مروت ہے، باقی

## غيرت ۾ ڪمي خراب آھي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ماڻھو جي غيرت اُن وقت ختم ٿيندي آھي جڏھن اُن جي اکين جي سامھون شريعت جي خلاف ڪم ٿين ۽ اُن جو رت نہ ٽھڪي يعني انھي کي ڪاوڙ نہ اچي. انھي لاءِ جو غُصي جو نہ اچڻ يا انھي جو ان حد تائين ڪمزور ٿي وڃڻ جو آھستہ آھستہ ختم ٿي وڃي ھڪ خراب صفت آھي. جئين تہ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 853 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”جہنم میں لے جانے والے اعمال“ جلد اول صَفحي 200 تي آھي: غصي ۾ تفريط يعني ايتري قدر گھٽ اچڻ جو بلڪل ئي ختم ٿي وڃي يا پوءِ اِھو

جذبو ئي ڪمزور پئجي وڃي، ھڪ بُري صفت آھي ڇاڪاڻ تہ اھڙي صورت ۾ ٻانھي جي مُروَّت ۽ غيرت ختم ٿي ويندي آھي ۽ جنھن ۾ غيرت يا مروت نہ ھجي اُھو ڪنھن قسم جي ڪمال (يعني خوبي) جو اھل ناھي ھوندو ڇاڪاڻ تہ اھڙو شخص عورتن بلڪ حشراتُ الارض (يعني زميني ڪِيڙن ماڪوڙن) جي مِثل ھوندو آھي. حضرت سيّدُنا امام شافعي عَلَيۡہِ رَحۡمَۃُ اللہِ الۡکَافِي جي ھن قول جو اھو ئي مطلب آھي: ”جنھن کي غصو ڏياريو ويو ۽ ھُو غصي ۾ نہ آيو تہ اُھو گڏھ آھي، ۽ جنھن کي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي ۽ اُھو راضي نہ ٿيو تہ اُھو شيطان آھي.“ الله عَزَّوَجَلَّ صحابہءِ ڪرام عَلَيۡھِمُ الرِّضۡوَان جي حميَّت (يعني غيرت) ۽ شدت تي اُنھن جي تعريف فرمائي . جئين تہ ارشاد فرمايو:

(1) اَذِلَّةٍ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ اَعِزَّةٍ عَلَى الْكٰفِرِيْنَ ۫ (پ 6 المائدة 54)

**ترجمو ڪنزالايمان**: مسلمانن تي نرم ۽ ڪافرن تي سخت.

(2) اَشِدَّآءُ عَلَى الْكُفَّارِ رُحَمَآءُ بَيْنَهُمْ (پ 26 الفتح 54)

**ترجمو ڪنزالايمان**: ڪافرن تي سخت ۽ پاڻ ۾ نرم دل.

اِنھي معاملي ۾ غصي جي اِن گھٽتائي جو نتيجو ائين ظاھر ٿئي ٿو جو انسان پنھنجي حرم يعني مَحرم عورتن مثلاً ڀيڻ يا زال وغيره جي معاملي ۾ غيرت جي ڪمي جو شڪار ٿي ويندو آھي ۽ ٻيو اِھو تہ خسيس ۽ ڪميڻن ماڻھن کان ذلت پھچڻ ۽ احساس ڪمتري ۾ مُبتلا ٿيڻ جو بہ احتمال (يعني شڪ) آھي، باوجود ان جي تہ اِھو سڀ انتھائي خراب قابل مذمت آھي.

(جھنم ميں لے جانے والے اعمال ج 1 ص 200 کان 201)

صحابہِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي اِها ئي غيرت هئي جنهن اُنهن کي اوجِ ثُرَيّا (يعني بلندي) تائين پهچايو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ ہ اُنهن جي واکاڻ ڪئي، مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن شريعت جي سُنهري اصولن تي عمل ڪيو وڃي تہ يقيناً معاشري ۾ ڦهليل بي حيائي ۽ بي پردگي جو خاتمو ٿي سگهي ٿو. جيئن تہ اُمُّ المُؤمنين سيّدتُنا اُمِّ سلَمہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنهَا کان روايت آهي، پاڻ رَضِيَ الله تَعَالٰي عَنهَا فرمائن ٿيون تہ آئون ۽ حضرت سيدتنا مَيمونہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنهَا شهنشاهِ مدينہ، قرارِ قلب و سينہ صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت با برڪت ۾ حاضر هُيون سين تہ (هڪ نابين صحابي) حضرت سيّدنا اِبنِ اُمِّ مڪتوم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنهُ حضور صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ جي اجازت طلب ڪئي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري حبيب صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم (اسان ٻنهي کي) ارشاد فرمايو: اِحۡتَجِبَا مِنۡهُ يعني پردو ڪري وٺو. (اُمُّ المؤمنين حضرت سيدتنا اُمِّ سلمہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنهَا فرمائن ٿيون) اسان عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! اَلَيۡسَ اَعۡمٰی ڇا اهي نابين نہ آهن؟ لَا يُبۡصِرُنَا وَلَا يَعۡرِفُنَا اُهي اسان کي ڏسي سگهن ٿا نہ سڃاڻي سگهن ٿا، تہ پاڻ صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: اَفَعَمۡيَا وَاِنِ اَنۡتُمَا ڇا توهان ٻئي بہ نابين آهيو؟ اَلَسۡتُمَا تُبۡصِرَانِه ڇا توهان بہ اُنهن کي نٿيون ڏسي سگهو؟ (سنن الترمذي حديث 2787 ج 4 ص 356)

غيرت ہے بڑی چیز جہانِ تگ و دو میں
پہناتی ہے درویش کو تاجِ سرِ دارا

## عورت جي لاءِ سڀ کان بهتر ڇا آهي؟

امير المؤمنين حضرت سيِّدُنا عليُّ المرتضيٰ كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم فرمائن ٿا ته شهنشاهِ مدينه، قرارِ قلب و سينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان وٽ تشريف فرما هئا ته اوچتو پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پڇيو: تورو اِهو ته ٻڌايو ته عورت جي لاءِ سڀ کان بهتر شيءِ ڇا آهي؟ سڀ خاموش رهيا ۽ ڪنهن به ڪو جواب نه ڏنو، آئون گهر ويس ته سيّده فاطمه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا کان اِنهي جي باري ۾ پڇيو ته هڪ عورت جي لاءِ سڀ کان بهتر شيءِ ڪهڙي آهي؟ ته اُنهن فرمايو: ”هڪ عورت جي لاءِ سڀ کان بهتر شيءِ هي آهي ته اُها ڪنهن مرد کي نه ڏسي، نه ڪو مرد اُن کي ڏسي.“ (البحرالزخار الحديث 526 ج 2 ص 159)

امامِ اجلّ حضرت سيدنا شيخ ابو طالب مڪي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِي پنهنجي ڪتاب ”قوتُ القلوب“ ۾ فرمائن ٿا ته صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ديوارن جا سوراخ ۽ روشن دان بند ڪري ڇڏيندا هئا ته جئين عورتون مردن کي نه ڏسي سگهن. ايستائين جو هڪ روايت ۾ آهي ته حضرت سيدنا معاذ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه جن پنهنجي زال کي ديوار ۾ موجود روشن دان مان جهاتيون پائيندي ڏٺو ته تمام گهڻي ناراضگي جو اظهار فرمايائون. (قوت القلوب ج 2 ص 418)

اميرالمؤمنين حضرت سيِّدُنا عمر فاروق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه فرمائيندا ته عورتن کي ضرورت کان وڌيڪ ڪپڙا نه نهرائي ڏيو جو

جڏهن خوبصورت ڪپڙن جي مقدار وڌيڪ هوندي ته انهن جي دل ۾ ٻاهر وڃڻ جي آرزو بيدار ٿيندي.(المصنف لابن ابي شيبه، ج 3 ص 467)

## چادرءِ چؤديواري

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو ته عورت جي لاءِ چادر ۽ چؤ ديواري ئي بهتر آهي. جئين ته دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 400 صفحن تي مُشتمل ڪتاب ”پردے کے بارے میں سوال جواب“ صفحي 159 تي شيخ طريقت، امير اهلسنت، بانيءِ دعوت اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه چادر ۽ چؤديواري جي تعليم ڪنهن ڏني؟ جي جواب ۾ فرمائن ٿا ته انهي ۾ عالم سڳورن جو پنهنجو ڪو ذاتي فائدو ناهي. هي دنيا جي ڪنهن عالِمِ دين جو نہ، ربُّ العٰلمِين جَلَّ جَلاَلُہ جو ارشادِ حقيقت بنياد آهي:

وَقَرْنَ فِيْ بُيُوْتِكُنَّ وَلاَ تَبَرَّجْنَ تَبَرُّجَ الْجَاهِلِيَّةِ الْاُوْلٰى (پ 22، الاحزاب: 33)

**ترجموڪنزالايمان**: ۽ پنهنجي گهرن ۾ پيون رهو ۽ بي پرده نہ رهو اڳوڻي جاهليت جي بي پردگي وانگر.

ڏٺو اوهان! عورت جي لاءِ چادر ۽ چؤ ديواري جو حڪم ڪنهن عام شخص جو ناهي، اسان سڀني جي پالڻهار ربّ عَزَّوَجَلّ جو فرمان آهي. (پردے کے بارے میں سوال جواب ص 159)

## عورت، عورت آهي

حضرت سيدنا حافظ عبدالله بن محمد بن ابي شَيبہ ڪوفي

(متوفيٰ235 ھ) جن ھڪ روايت نقل ڪئي آھي تہ ”عورت مٽي ڪان ونئي ڪري پيرن جي ننھن سميت عورت (يعني لِڪائڻ جي شيءِ) آھي.“ وڌيڪ نقل فرمائن ٿا تہ ”عورتن کي چئ ديواري ئي ۾ رھڻ ڏيو ڇاڪاڻ تہ عورت، ”عَورَت“ (يعني لِڪائڻ جي شيء) آھي جڏھن اُھا گھر کان ٻاھر نڪري ٿي تہ شيطان اُنھي کي نظر ڪٽي ڪٽي ڪري ڏسي ٿو ۽ اُنھي کي چوي ٿو تہ جِتان کان بہ گُذري رھي آھين ھر ڪنھن جي دل کي وڻي (يعني سُٺي لڳي) رھي آھين. (المصنف لا بن ابي شيبة، رقم 270، حديث: 4،6 ج 3 ص 467)

## بي پردا عورتن کي ڏسڻ شيطاني ڪم آھي

متا متا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ بي پرده عورتن کي ڏسڻ شيطاني ڪم آھي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ اِنھي کان منع فرمايو آھي ۽ جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ ۽ اُنھي جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نافرماني ڪري يقيناً شيطان جو پيروڪار آھي، ۽ اِنھي کان بچڻ جو واحد حل اِھو ئي آھي تہ نظرون جُھڪيل رھن، جئين تہ، مردن جي نظرن جُھڪائڻ جي باري ۾ فرمانِ باري تعاليٰ آھي:

قُلْ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ يَغُضُّوْا مِنْ اَبْصَارِهِمْ (پ 18، النور: 30)

**ترجمو ڪنزالايمان**: مسلمان مردن کي حڪم ڏي تہ پنھنجي نظر جھڪي رکن.

اسان جي پياري پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جھڙي طرح اسان کي قرآنِ ڪريم تي عمل ڪري ڏيکاريو آھي اُھو پنھنجي مثال پاڻ آھي. نظرون جُھڪائي رکڻ الله عَزَّوَجَلَّ جو حڪم آھي ۽

پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي تمام گهڻي پياري ادا ـ جئين ته روايتن ۾ اچي ٿو ته پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مبارڪ نظر اڪثر زمين جي طرف جُهڪي رهندي هُئي.

(الشمائل المحمدية للترمذي، الحديث: 7 ، ص 23 ملتقطاً )

يا الٰہی رنگ لائیں جب مری بے باکیاں
اُن کی نیچی نیچی نظروں کی حیا کا ساتھ ہو

ءِ عورتن جي نظرن جُهڪائڻ جي باري ۾ فرمانِ باري تعاليٰ آهي:

وَقُلْ لِّلْمُؤْمِنٰتِ يَغْضُضْنَ مِنْ اَبْصَارِهِنَّ (پ 18، النور: 31)

**ترجمو ڪنزالايمان**: مسلمان عورتن کي حڪم ڏي ته پنهنجون نظرون جهڪيون رکن .

## اوچتي نظر جو حڪم

موجوده دور ۾ بي پردگي جيتري قدر عام ٿي چڪي آهي اِنهي کان بچڻ مشڪل ضرور آهي پر ناممڪن نه. ياد رکو ته اوچتو ڪنهن بي پرده عورت تي نظر پئجي وڃي ته هڪدم پنهنجي نظرن کي جُهڪائي ونو. جئين ته،

حضرت سيدنا جرِير رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنهُ فرمائن ٿا ته مون رحمتِ عالَم، نُور مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان اوچتو اُٿڻ واري نظر جي باري ۾ پڇيو ته پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اِرشاد فرمايو ته هڪدم پنهنجي نظرن کي جُهڪائي وٺندا ڪريو.

(سنن ابي داود، حديث 2148 ج 2، ص 357)

حضرت سيدنا اِبن عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنهُمَا کان روايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ، قرارِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”پھريون پيرو ڏسڻ خطا، ٻئي پيرا ڏسڻ ارادو، ۽ ٽين پيرو ڏسڻ هلاڪت جو سبب آهي. مؤمن جو ڪنھن عورت جي حُسن کي ڏسڻ شيطان جي زهريلي تيرن مان هڪ تير آهي ۽ جنھن الله عَزَّوَجَلَّ جي ڊپ ۽ ثواب جي نيّت سان اِجتِناب ڪيو (يعني بچيو) تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان کي اهڙي عبادت جي توفيق عطا فرمائيندو جنھن جي حلاوت (يعني مناس) ۽ لذت اُهو ﺑہ ماڻيندو.“

(حلية الاولياء رقم 338 حديث: 7981 ج 6 ص 107)

## اک جي بدڪاري

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسلام دينِ فطرت آهي ۽ اسلام گھريلو ۽ معاشرتي زندگي جو حُسن برقرار رکڻ جي لاءِ پنھنجي مڃڻ وارن کي زندگي گذارڻ جا بي شمار مدني گُل عطا فرمايا آهن. عورت جي عزت ۽ عصمت جي حفاظت چؤديواري ئي ۾ آهي ۽ جيڪڏهن ڪنھن مجبوري جي ڪري چؤديواري مان ٻاهر نڪرڻو ﺑہ پوي تہ پردو ڪري نڪري يعني هرگز بي پردگي نہ ڪري ۽ مرد ﺑہ عورت کي ڏسڻ کان بچن جو نظر شيطان جي زهريلن تيرن مان هڪ تير آهي چاڪاڻ تہ گناه جي ابتدا نظر سان ئي ٿيندي آهي. خبر ناهي اِهو گناه ڪِٿان ڪان ڪِٿي وڃي وني وڃي . جئين تہ مروي آهي تہ **اک جي بدڪاري بد نگاهي آهي.** (شعب الايمان حديث 7060 ج 5 ص 394) اها روايت دعوتِ فِڪر ڏيئي رهي

آهي ته بدنگاهي ڪيتري قدر مذمت جوڳو عمل آهي.

## اکين جي حفاظت نہ ڪرڻ جو نقصان

جيڪڏهن اسان پنهنجي نگاهن کي آزاد ڇڏي ڏينداسين ته تي سگهي ٿو ته بي فائده ۽ فُضول هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ شروع ڪري ڇڏين ۽ پوءِ آهسته آهسته اِهي حرام تي بہ پوڻ شروع ٿي وڃن. هاڻي جيڪڏهن ارادو ڪري حرام تي نظر وجهنداسين ته اِهو تمام وڏو گناهه آهي ۽ ممڪن آهي ته دل حرام شيءِ تي فدا ٿي وڃي (يعني اُها شي وٽي وڃي) ۽ اسان تباهي جا شڪار ٿي وڃون ڇاڪاڻ ته روايتن ۾ اچي ٿو ته ڪنهن وقت بانهو ڪنهن شيءِ تي نظر وجهندو آهي ته اُنهي سان اهڙي طرح اثر قبول ڪندو آهي جهڙي طرح رنگ کي چمڙو دباغت جي عمل سان . (منهاج العابدين ص 62) ۽ جيڪڏهن اُن طرف ڏسڻ حرام نہ هجي بلڪ مُباح هجي ته تي سگهي ٿو ته اسان جي دل مشغول ٿي وڃي ۽ انهي سبب دل ۾ طرح طرح جا وَسوَسا ۽ خطرات اچڻ شروع ٿي وڃن ۽ اِهو بہ تي سگهي ٿو ته اسان وسوسي جي شين تائين نہ پهچي سگهون پر وسوسن جو شڪار ٿي ڪري نيڪين کان محروم ٿي وڃون، پر جيڪڏهن اسان ڪنهن طرف توجهه ئي نہ ڪيو ته اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ تمام گهڻن فِتنن، وسوسن ۽ خطرن کان محفوظ رهنداسين ۽ پنهنجي اندر راحت و نشاط (يعني خوشي ۽ فرحت) محسوس ڪنداسين.

# اکين کي بدنگاھي کان محفوظ رکڻ جو طريقو

پيارا اسلامي پائرو! جيڪڏھن برائين کان بچڻ ۽ نيڪين پريو ماحول اختيار ڪرڻ چاھيو ٿا تہ تبليغِ قرآن و سُنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو جو انھي جو مدني مقصد ٿي اِھو آھي تہ ”مون کي پنھنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻھن جي اِصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آھي.“ ۽ پنھنجي اِصلاح جي عظيم جذبي جي تحت روزانہ فڪرِ مدينہ جي ذريعي مدني اِنعامات جو رسالو پُر ڪرڻ جو معمول بڻائي ونو، اِن شآءَالله عزَّوَجلَّ اِنھي جي برڪت سان پابندِ سُنت بڻجڻ، گناھن کان نفرت ڪرڻ ۽ ايمان جي حفاظت جي لاءِ ڪڙھڻ جو ذھن بڻجندو. جئين تہ

امیرِ اھلِسُنت دَامَتۡ بَرَکَاتُھُمُ الۡعَالِيَہ جا اسلامي پائرن کي عطا ڪيل ”72 مدني اِنعامات“ مان نظرن جي حفاظت جي لاءِ 4 مدني گُل مُلاحظہ فرمايو:

﴿1﴾ ڇا اڄ توھان (گھر يا ٻاھر) T.V، V.C.R يا Internet وغيره تي **فلمون ڊراما ۽ گانا باجا** وغيره ڏسڻ يا ٻڌڻ کان بچيؤ؟ ۽ پڻ اکين جي حفاظت جي عادت بڻائڻ لاءِ سمھڻ جي وقتن کان علاوه گھٽ ۾ گھٽ **12 منٽ اکيون** بند رکيون؟

﴿2﴾ ڇا اڄ توھان رستي تي ھلندي ۽ گاڏي ۾ سفر جي دوران **اکين جو قفل مدينہ** لڳائيندي حتي الامڪان نظرون جھڪائي

رکيون؟ ۽ بنا ضرورت جي (گهر ۾ به ۽ ٻاهر به) هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ سائن بورڊ وغيره تي نظر وجهڻ کان بچڻ جي ڪوشش ڪئي؟

﴿3﴾ ڇا اڄ توهان پنهنجي گهر جي ورانڊن (صحن) مان (بنا ضرورت) ٻاهر ۽ پڻ ڪنهن ٻئي جي دروازن وغيره مان انهن جي **گهرن جي اندر جهاتيون پائڻ** کان بچڻ جي ڪوشش ڪئي؟

﴿4﴾ ڇا اڄ توهان ڪنهن سان ڳالهائڻ وقت پنهنجي **نظر جهڪائي** رکي يا مخاطب جي چهري تي وجهندا رهيؤ؟ (هيٺ نظرون رکڻ جي عادت ٺاهڻ لاءِ روزانو گهٽ ۾ گهٽ 12 منٽ **قفل مدينه جي عينڪ** استعمال فرمايو)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نظرون پاڪ ٿينديون ته دل به پاڪ ٿيندي نه ته ياد رکو ته **الله** عَزَّوَجَلَّ جي پڪڙ تمام سخت آهي. جيئن ته

## بد نگاهي جي هٿوهٿ سزا

**الله** عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غيوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابهءِ ڪرام رِضوانُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيهِم اَجْمَعِين کان بيعت وٺي رهيا هُئا، هڪ شخص اِنهي حال ۾ حاضر ٿيو جو اُنهي جي وات مان رت وهي رهيو هو، اُنهي ايندي ئي فرياد ڪرڻ شروع ڪري ڏنو: ”يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آئون هلاڪ و برباد ٿي ويس.“ سروَرِڪونين، ڏکايل دلين جي چين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پڇا ڪئي: ”ڇا ٿيو؟ ڪهڙي شيءِ توکي هلاڪت ۾ وڌو؟“ عرض ڪرڻ لڳو: ”آئون

پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ لاءِ گهر کان نڪتس تہ رستي ۾ هڪ عورت مون وٽان گذري، مون هُن جي طرف ڏٺو تہ بس ڏسندو ئي هليو ويس ۽ اوچتو منهنجي سامهون هڪ ديوار اچي وئي جنهن منهنجو هي حال ڪري ڇڏيو جنهن کي توهان (صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) ڏسي رهيا آهيو.“ تہ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”الله عَزَّوَجَلَّ جڏهن ڪنهن ٻانهي سان ڀلائي جو ارادو فرمائيندو آهي تہ اُنهي کي دنيا ئي ۾ اُنهي جي سزا ڏيئي ڇڏيندو آهي. (مجمع الزوائد حديث 17470، 17471، ج 10 ص 313)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن هر وقت نظرون هيٺ رکيون وڃن تہ بدنگاهي وغيره کان بچڻ سان گڏوگڏ سينو وسوسن کان ۽ دل خطرن ۽ آفتن کان سلامتي ۾ رهندي ۽ نيڪين ۾ خوب خوب اِضافو ٿيندو. اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ جڏهن پاڻ پنهنجي اصلاح جو جذبو پيدا ٿيندو تہ ضرور پنهنجي گهر جي اسلامي ڀينرن جي اصلاح جي بہ ڪوشش ڪندا. ڇو تہ جيڪي ماڻهو قدرت جي باوجود پنهنجي عورتن ۽ مَحرمن کي بيپردگي کان منع نہ ڪن اُهي ”دَيُّوث“ آهن.

جيڪڏهن مرد پنهنجي حيثيت جي مطابق منع ڪري ٿو ۽ بيپردگي کان روڪڻ جا شرعي تقاضا هُن پورا ڪيا ۽ اُهي نٿيون مڃين تہ انهي صورت ۾ مرد تي نہ ڪو الزام آهي ۽ نہ هُو ”دَيُّوث“. بس حتّي الامڪان بيپردگي وغيره جي مُعاملي ۾ عورتن کي روڪيو وڃي پر حڪمتِ عملي سان، ڪٿي ائين نہ

ٿئي جو اوهان پنهنجي گهرواري يا ماءُ ڀيڻن تي اهڙي طرح سختي ڪري ويهو جنهن سان گهر جو امن ئي تباهه و برباد ٿي وڃي. (پردي جي باري ۾ سوال جواب ص 65 کان 67)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مرد گهر جو سربراهه هوندو آهي جڏهن هُو گهر ۾ رهڻ وارن ڀاتين سان گڏ پيار ۽ مُحبت ۽ حُسنِ اخلاق سان پيش ايندو ته گهر وارن جي دل ۾ هُن جي مُحبت پيدا ٿيندي ۽ هُو جيڪو به ڪم ڪرڻ چاهيندو نه صرف آساني ٿيندي بلڪ هُن جي ڳالهه کي اهميت به ڏني ويندي. تنهنڪري مرد کي گهُرجي ته هو پنهنجي گهروارن کي حڪمت عملي سان پردي ڪرڻ جو ذهن ڏي چو ته عورت جي باري ۾ هڪ روايت ۾ رحمتِ عالم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”عورتن سان سُٺو سُلوڪ ڪريو چو ته عورت پاسڙاٽي جي هڏي مان ٺاهي وئي آهي ۽ پاسڙاٽي ۾ مٿيون حصو سڀ کان وڌيڪ ٽيڙهو هوندو آهي. جيڪڏهن توهان هُن کي سِڌو ڪرڻ چاهيندا ته ٽوڙي ڇڏيندا ۽ جيڪڏهن هُن کي ڇڏي ڏيندا ته ٽيڙهي ئي رهندي. بس عورتن سان سُٺو ئي سُلوڪ ڪندا رهو.“

(صحيح البخاري، حديث 3331 ج 2 ص 412)

انهي صِنفِ نازڪ (عورت) تي ڪاوڙ نه ڪيو، بلڪ انهي سان بهتر انداز ۾ نڀائڻ جي ڪوشش ڪريو. ڀيڻ هجي يا ڌيءُ يا پنهنجي ٻارن جي امڙ سيني کي پردي جي تلقين و ترغيب

ڏني وڃي.[1] گھر ۾ مدني ماحول ناھڻ جي لاءِ شيخ طريقت، اميرِ اھلِسُنَّت جي عطا ڪيل 19 مدني گُلن تي حڪمت ڀريي انداز ۾ ترتيبوار عمل جي برڪت سان مدني ماحول جون بھارون نظر ايندين.

## ”يا خدا! اسان کي متقي بڻاءِ“ جي اوٽيھ اڪرن جي نسبت سان گھر ۾ مدني ماحول بڻائڻ جا 19 مدني گل

﴿1﴾ گھر ۾ ايندي ويندي بلند آواز سان سلام ڪريو .

﴿2﴾ پيءُ يا امڙ کي ايندي ڏسي ڪري تعظيمًا اٿي بيھو .

﴿3﴾ ڏينھن ۾ گھٽ ۾ گھٽ ھڪ ڀيرو اسلامي ڀاءُ والد صاحب ۽ اسلامي ڀينرون ماءُ جا ھٿ ۽ پير چمن.

﴿4﴾ ماءُ پيءُ جي سامھون آواز ھلڪو رکو، انھن سان اکيون ھرگز نہ ملايو. نظر جھڪائي ڳالھ ٻولھ ڪيو.

﴿5﴾ سندن سونپيل ھر اھو ڪم جيڪو خلافِ شرع نہ ھجي فورًا ڪري ڇڏيو .

﴿6﴾ سنجيدگي اپنايو، گھر ۾ تون تون، مان مان، اڙي، اوئي، ۽ مذاق مسخري ڪرڻ، ڳالھ ڳالھ تي ڪاوڙ ڪرڻ، ڪاڏي مان عيب ڪڍڻ، ننڍن ڀائرن ڀينرن کي دڙڪا ڏيڻ، مارڻ گھر جي وڏن سان الجھڻ، بحث وغيره ڪرڻ جون جيڪڏھن اوھان جون

---

1 اِنھي سلسلي ۾ اميرِ اھلِسُنّت،بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرتِ علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادري دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه جي دعوتِ اِسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبۃُالمدينہ جي شايع ڪيل 400 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”پردي جي باري ۾ سوال جواب“ جو مطالعو فرمايو.

عادتون هجن تہ بلڪل رويو تبديل ڪيو، ۽ هر هڪ کان معافي ورتو.

﴿7﴾ گهر ۾ ٻاهر هر جڳهہ اوهان سنجيدا ٿي ويندا تہ ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ گهر جي اندر بہ ضرور ان جون برڪتون ظاهر ٿينديون.

﴿8﴾ ماءُ بلڪ چاهي ٻارن جي اَمڙ هجي ان کي، گهر (۽ ٻاهر) جي هڪ ڏينهن جي ٻار کي توهان چئي ڪري ئي مخاطب ٿيو.

﴿9﴾ پنهنجي محلي جي مسجد جي سومهڻي جي جماعت جي وقت کان وٺي ڪري ٻن ڪلاڪن جي اندر سمهي پئو، ڪاش! تَهَجُّد ۾ اک کلي وڃي نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ فجر جي نماز تہ بآساني (مسجد جي پهرين صف ۾ باجماعت) ميسر ٿي وڃي ۽ پوءِ ڪم ڪار ۾ بہ سستي نہ ٿئي.

﴿10﴾ گهر جي ڀاتين ۾ جيڪڏهن نماز جي سستي، بي پردگي، فلمن، ڊرامن ۽ گانن باجن جو سلسلو هجي ۽ جيڪڏهن اوهان سر پرست نہ آهيو ۽ توهان کي غالب گمان آهي تہ اوهان جي نہ ٻڌي ويندي تہ بار بار ٽوڪڻ بدران، سيني کي نرمي سان مڪتبة المدينه جون جاري ٿيل سنّتن ڀرين بيانن جون ڪيسٽيون ٻڌايو، مدني چينل بہ ڏيکاريو اِن شآءالله عَزَّوَجَلَّ ”مدني نتيجا“ حاصل ٿيندا.

﴿11﴾ گهر ۾ ڪيتريون ئي ڇڙٻون ملن بلڪ مار بہ کائڻي پوي، صبر، صبر ۽ صبر ڪريو، جيڪڏهن توهان زبان دراز ڪندؤ تہ ”مدني ماحول“ ٺهڻ جي ڪا اميد ناهي بلڪ مزيد بگاڙ پيدا ٿي سگهي ٿو تہ هرويرو سختيءَ سان اڪثر شيطان ماڻهن کي

ضدي ٻڻائي ڇڏيندو آهي.

﴿12﴾ مدني ماحول ٺاهڻ جو هڪ بهترين ذريعو هي ٻه آهي تہ گهر ۾ روزانو فيضانِ سنّت جو درس ضرور ضرور ڏيو يا ٻڌو.

﴿13﴾ پنهنجي گهر وارن جي دنيا ۽ آخرت جي بهتري لاءِ دل سوزي سان دعا بہ ڪندا رهو فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: اَلدُّعَاءُ سِلَاحُ الْمُؤْمِن يعني دعا مومن جو هٿيار آهي.

(المستدرڪ للحاڪم ج 2 ص 162 حديث 1855)

﴿14﴾ ساهرن ۾ رهڻ واريون جتي گهر جو ذڪر آهي اتي ساهرن ۽ جتي والدين جو ذڪر آهي اتي سس ۽ سهري سان اهوئي حُسن سلوڪ بجا آڻين جڏهن تہ ڪا شرعي ممانعت نہ هجي. ها هي احتياط ضروري آهي تہ نُنهن سهري جا هٿ پير نہ چمي، ائين نياڻو بہ سس جا .

﴿15﴾ مسائلُ القرآن ص 290 تي آهي هر نماز کان پوءِ هيٺ ڏنل دعا اول ۽ آخر درود شريف سان هڪ ڀيرو پڙهي وٺو اِن شآءَ الله عَزَّوَجَلَّ پار ٻچا سنّتن جا پابند ٿيندا ۽ گهر ۾ مدني ماحول ٺهندو. دعا هي آهي: (اَللّٰهُمَّ) رَبَّنَا هَبْ لَنَا مِنْ اَزْوَاجِنَا وَ ذُرِّيّٰتِنَا قُرَّةَ اَعْيُنٍ وَّاجْعَلْنَا لِلْمُتَّقِيْنَ اِمَامًا ﴿۷۴﴾ [1] (”اَللّٰهُمَّ“ قرآني آيت جو حصو نہ آهي)

---

[1] ترجموڪنزالايمان: اي اسان جا رب اسان کي ڏي اسان جي زالن ۽ اسان جي اولاد مان اکين جي ٿڌائي ۽ اسان کي پرهيزگارن جو اڳواڻ بڻاءِ - (پ 19 الفرقان 74)

﴿16﴾ نافرمان ٻار يا وڏو جڏهن ستل هجي تہ 11 يا 21 ڏينهن ان جي سيرانديءَ کان بيهي ڪري هيٺ ڏنل آيتون صرف هڪ ڀيرو ايتري آواز سان پڙهو جو ان جي اک نہ کلي (مدت 11 کان 21 ڏينهن) بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ بَلۡ هُوَ قُرۡاٰنٌ مَّجِيۡدٌ ﴿۲۱﴾ فِيۡ لَوۡحٍ مَّحۡفُوۡظٍ ﴿۲۲﴾ [1]

(اول ۽ آخر هڪ دفعو درود شريف) ياد رهي! وڏو نافرمان هجي تہ ان جي ننڊ جي وقت وظيفو پڙهڻ سان جاڳڻ جو انديشو آهي خاص ڪري ان وقت جڏهن ان جي ننڊ گهري نہ هجي ۽ اها خبر پوڻ مشڪل هجي تہ صرف اکيون بند آهن يا سمهي رهيو آهي، تنهنڪري جتي فِتني جو خوف هجي اتي اهو عمل نہ ڪيو وڃي خاص ڪري زال پنهنجي مڙس تي اهو عمل نہ ڪري.

﴿17﴾ ۽ نافرمان اولاد کي فرمانبردار بڻائڻ لاءِ مراد پوري ٿيڻ تائين فجر نماز کان پوءِ آسمان ڏانهن رخ ڪري "يَاشَهِيۡدُ" 21 ڀيرا پڙهو (اول ۽ آخرهڪ ڀيرو درود شريف پڙهو)

﴿18﴾ مدني انعامات مطابق عمل جي عادت بڻايو ۽ گهر جي جنهن فرد جي دل ۾ نرمي ڏسو ان ۾ ۽ اوهان جيڪڏهن پيءُ آهيو تہ اولاد ۾ نرمي ۽ حڪمت عملي سان مدني انعامات جو نفاذ ڪريو الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت سان گهر ۾ مدني انقلاب برپا ٿي ويندو .

---

[1] **ترجموڪنزالايمان**: بلڪ اهوڪمال شرف وارو قرآن آهي لوح محفوظ ۾.
(پ 30 البروج 21،22 )

﴿19﴾ پابندي سان هر مهيني گھٽ مان گھٽ ٽن ڏينهن جي سنتن جي تربيت جي مدني قافلي ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪيو، ۽ گھر وارن جي لاءِ دعا به ڪيو، مدني قافلي ۾ سفر جي برڪت سان به گھرن ۾ مدني ماحول ٺھڻ جون مدني بهارون ٻڌڻ لاءِ ملن ٿيون. آمِيۡن بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِیۡن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## بي پردگي کان توبھ

مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 400 صفحن تي مُشتمل ڪتاب ”پردي جي باري ۾ سوال جواب“ جي صفحي 31 تي شيخِ طريقت، اميرِ اهلِسُنت، باني دعوتِ اِسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادري دَامَتۡ بَرَکَاتُہُمُ العالیہ فرمائن ٿا: عمل جو جذبو وڌائڻ جي لاءِ مدني ماحول ضروري آهي، نہ تہ عارضي طور تي جذبو پيدا ٿئي بہ ٿو تہ سُنّي صحبت جي فقدان (يعني ڪمي) جي سبب اِستِقامت نٿي ملي. پنهنجو مدني ذهن ٺاهڻ جي لاءِ تبليغ قُرآن ۽ سُنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو. سُبحٰن اللّٰه! دعوتِ اِسلامي جي مدني ماحول، سُنتن ڀريي اِجتماعن ۽ مدني قافلن جون بہ ڇا خوب بهارون ۽ برڪتون آهن. دعوتِ اسلامي جي سُنتن ڀريي مدني ماحول ۾ رنگجي وڃڻ جي برڪت سان ڪيترين ئي اسلامي ڀينرن کي شرعي پردو ڪرڻ جي سعادت نصيب ٿي ويئي، اهڙي ئي هڪ بهار ٻُڌو. پنجاب

(پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀيڻ جي تحريري بيان جو خلاصو آهي: آئون دعوتِ اسلامي جي مُشڪبار مدني ماحول سان وابسته ٿيڻ کان پهرين ٽي وي تي فلمون ڊراما ڏسڻ جي عادي هُيس، بازار وغيره وڃڻ لاءِ بي پرده ئي نڪري ويندي هُيس، نماز به نه پڙهندي هُيس. ائين منهنجا صبح ۽ شام غفلت ۽ معصيت ۾ گذري رهيا هُئا. هڪ ڀيري ڪنهن مون کي مڪتبةُ المدينه کان جاري ٿيندڙ سُنتن ڀريي بيانن جون ڪيسٽون ڏنيون، مون اُنهن کي ٻُڌو ته اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ آئون خوابِ غفلت مان بيدار ٿي ويس. اِنهن بيانن جي برڪت سان مُون کي خوفِ خُدا جي دولت نصيب ٿي، عشقِ رسُول جو جذبو مليو ۽ آئون نمازي بڻجي ويس، مون پنهنجن سيني گناهن خاص ڪري بي پردگي کان سچي توبه ڪري ورتي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ بُرقعو منهنجي لِباس جو حصو بڻجي ويو. اها بي لغام زبان جيڪا پهرين گانا گنگنائڻ ۾ مصروف هوندي هئي هاڻي اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ نعتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهڻ لڳي. هي سٽون لکڻ تائين دعوتِ اسلامي جي ذيلي مُشاورت جي خادمه جي طور تي سنتن جي خدمت جي سعادت حاصل ڪري رهي آهيان.

ڪٹی ہے غفلتوں میں زندگانی
نہ جانے حشر میں کیا فیصلہ ہو
الٰہی ہوں بہت کمزور بندی
نہ دنیا میں نہ عقبیٰ میں سزا ہو

